# حضرت ميان شاهہ محمد عرف شاهنواز رحمة الله عليه

(1258ـ1332هہ/1842ـ1913ع)

حضرت پير ميان شاهہ محمد سائينؒ جي ولادت 1258هہ[216]/ 1842ع[217] ۾ ٿي. پاڻ، پکن وارن صاحبن کان ٻہ سال ننڍا ۽ ميان پنيلڏي "پنيل" کان تقريباً ڏهہ سال وڏا هئا. سندن ٻيو نالو "شاهنواز" هئو جنهن جي نسبت جي ڪري وڏي عمر وارا فقير ۽ نوڪر کين "شاهنواز سائين" سڏيندا هئا. هڪڙي شادي مائٽن مان ڪيائون ۽ کين فقط هڪڙي نياڻي صاحبہ تولّد ٿي، جنهن جي شادي حضرت قبلہ حضرت مخدوم محمّد زمان سرڪار رحمة الله عليه جن سان ٿي. ميان شاهہ محمد نهايت بااخلاق، سنجيده ۽ با مروت انسان هئا. سندن تربيت پهرين والد صاحب ۽ پوءِ سندن وڏي ڀاءُ حضرت مخدوم محمد امين ثالث رحمة الله عليه ڪئي.

ميان شاهہ محمد عرف شاهنواز سائين رحمة الله عليه جي حياتي جو گهڻو حصو هالا ۾ گذريو سندن رهائش حضرت مخدوم صاحب جي موجوده ڪوٺي ۾ "طالب المولىٰ لائبرري" جي ڀر واري اوطاق ۾ هوندي هئي، جنهن کي "مئين شاهنواز جو بنگلو" سڏيو ويندو هئو. حاجي علي محمد عرف حاجي عَلُو سندن حاضري جو خاص ماڻهو هئو. مٿس ڏاڍو قرب هوندو هئن ۽ ان ڪري انتي وڏيون نوازشون بہ ڪيائون.

Gul Hayat Institute

---

216 گنجينۂ اسرارِ سروريہ قلمي. / گنجينۂ الاوليا، قلمي، ص: 250.

217 ڪلياتِ امين، ص: 15 تي ڄاڻايل سندن ولادت جو سن 1833، درست ناهي.

حضرت پير ميان شاهہ محمد عرف "شاهنواز سائين" رحمة الله عليه جن جو انتقال ايڪهتر سالن جي ڄمار ۾ 23 محرم 1332هہ مطابق 22 ڊسمبر 1913ع تي ٿيو. ان وقت (سندن ڀائٽيو) حضرت صاحب شريعت مخدوم ظهير الدين سائينرح [218] درگاهہ حضرت غوث الحق مخدوم نوح رحمة الله عليه جا سجّاده نشين هئا. حضرت ميان شاهہ محمد سائين کي درگاهہ شريف جي حضرت مخدوم نعمت الله واري چوڪنڊيءَ ۾ سندن ڀاءُ ميان پنليڏي جي پرسان دفنايو ويو.

Gul Hayat Institute